SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر 1 مجريه 1996

# SINDH ACT NO.I OF 1996

# سنڌ رجسٽريشن آف گڊائونز ايڪٽ، 1995

# THE SIND REGISTRATION OF GODOWNS ACT, 1995

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ضروري شين جي ذخيره اندوزي
Stocking of essential articles

4. گودام جي رجسٽريشن
Registration of Godown

5. ريڪارڊ جي سارسنڀال ۽ معائنو
Maintenance and inspection of records

6. تلاشي جو اختيار
Power of search

7. اپيل

Appeal

8. ڏنڊ

Penalty

9. قاعدن ٺاهڻ جو اختيار

Power to make rules

10. سنڌ آرڊيننس X 1995 جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance X of 1995

# سنڌ ايڪٽ نمبر 1 مجريه 1996

# SINDH ACT NO.I OF 1996

# سنڌ رجسٽريشن آف گڊائونز ايڪٽ، 1995

# THE SIND REGISTRATION OF GODOWNS ACT, 1995

## فهرست (CONTENTS)

[15 جنوري 1996]

ايڪٽ جنهن سان سنڌ صوبي ۾ گودامن جي رجسٽريشن ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته عوامي مفاد ۾ آهي ته ڪندي سنڌ صوبي ۾ گودامن جي رجسٽريشن ڪئي وڃي؛

جنهن کي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ گودامن جي رجسٽريشن وارو ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ سموري سنڌ ۾ لاڳو ٿيندو.

(3) هي في الفور نافذ ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهه مضمون يا مفهوم جي متضاد نه هجي؛

(i) "ضروري شين" مان مراد حڪومت پاران ضروري قرار ڏنل شيون؛

(ii) "گودام" مان مراد اهڙيون جايون جتي ضروري شين جي ذخيره اندوزي ڪري سگهجي بشمول ويئر هائوسز ۽ سرد خانہ يا ڊپو.

(iii) "حڪومت" مان مراد سنڌ حڪومت.

(iv) "مالڪ" مان مراد گودام جو مالڪ بشمول اهو شخص جنهن وٽ گودام جو انتظام هجي.

(v) "طئي ٿيل"مان مراد هن ايڪٽ تحت ٺاهيل قاعدن موجب طئي ٿيل.

(vi) "رجسٽرنگ اٿارٽي" مان مراد ڊائريڪٽر جنرل براءِ شين جي فراهمي ۽ قيمتون يا ڪو بہ عملدار جنهن کي حڪومت پاران نامزد ڪيو ويو هجي.

ضروري شين جي ذخيره اندوزي
Stocking of essential articles

3. ڪا ضروري شئي تيستائين گودام ۾ محفوظ يا ذخيرو نہ ڪئي ويندي جيستائين اهو گودام هن ايڪٽ جي مطابق صوبي ۾ رجسٽر نہ هجي.

گودامن جي رجسٽريشن
Registration of Godown

4. (1) مالڪ هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي 30 ڏينهن جي اندر پر گودام پهريان کان ئي موجود هجڻ جي صورت ۾ 60 ڏينهن جي اندر رجسٽرنگ اٿارٽي جي ڏنل طريقي ڪار هدايتن جي مطابق گودام جي رجسٽريشن جي لاءِ درخواست ڏيندو.

(2) رجسٽرنگ اٿارٽي موصول ٿيل درخواست جي بنياد تي ڪجهہ جانچ پڙتال ڪندي ۽ ضرورت پوڻ تي مالڪ کان معلومات ڪندي.

(3) جيڪڏهن رجسٽرنگ اٿارٽي پنهنجي پاران ڪيل

انڪوائري جي حوالي سان مطمئن هجي ۽ درخواست ۾ شامل معلومات يا مالڪ پاران ڏنل تفصيلن کي درست سمجهي تہ گودام کي رجسٽر ڪندي.

(4) مالڪ جنهن جو گودام رجسٽر ٿي چڪو آهي اهو هن ايڪٽ جي تحت ڏنل هدايتن، قانون جي تعميل جو پابند هوندو يا گودام ۾ ضروري شين جي ذخيره اندوزي جي حوالي سان رجسٽرنگ اٿارٽي پاران ڏنل هدايتن جو پابند هوندو.

ريڪارڊ جي سارسنڀال ۽ معائنو
Maintenance and inspection of records

5. مالڪ گودام ۾ ذخيرو ڪيل يا هٽايل شين جو ريڪارڊ، اڪائونٽ بڪس وغيره جي سارسنڀال ڪندو ۽ رجسٽرنگ اٿارٽي پاران طلب ڪرڻ جي صورت ۾ معائني جي لاءِ پيش ڪندو.

تلاشيءَ جو اختيار
Power of search

6. جيڪڏهن اٿارٽي اهو ڏسي مالڪ پاران ڏنل معلومات درست نہ آهي يا رجسٽرنگ اٿارٽي پاران ڏنل هدايتن جي ڀڃڪڙي جو مرتڪب ٿيو آهي. رجسٽرنگ اٿارٽي هن ايڪٽ جي تحت رجسٽر ڪيل گودام ۾ داخل ٿي تلاشي وٺي سگهي ٿي ۽ ڪا بہ شئي ضبط ڪري سگهي ٿي

اپيل
Appeal

7. رجسٽرنگ اٿارٽي جي حڪم سان متاثر شخص 30 ڏينهن جي اندر حڪومت کي اپيل ڪري سگهي ٿو ۽ پوءِ حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

ڏنڊ
Penalty

8. ڪو بہ شخص هن ايڪٽ جي ڪنهن شق يا رجسٽرنگ اٿارٽي پاران ڏنل حڪمن جي ڀڃڪڙي جو مرتڪب ڏٺو ويو تہ سزا جو حقدار هوندو. جنهن لاءِ قيد جي سزا جو عرصو هڪ سال تائين ٿي سگهي ٿو ۽ ڏنڊ هڪ هزار تائين هوندو.

| | |
|---|---|
| 9. حڪومت هن ايڪٽ تي عملدرآمد ڪرائڻ جي قاعدا ٺاهيندي. | قاعدن ٺاهڻ جو اختيار<br>Power to make rules |
| 11. سنڌ گودامن جي رجسٽريشن آرڊيننس، 1995 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | سنڌ آرڊيننس X 1995 جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance X of 1995 |
| **نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | |